

# پرويز مشرف
# پاڪستان ۽ سنڌ کي ڇا ڇا ڏنو؟

**_ جامي چانڊيو**

جيتوڻيڪ پرويز مشرف هاڻي ماضيءَ جو باب بڻجي چڪو آهي پر تڏهن به هو ڇڳو وقت ملڪ اندر توڙي عالمي طور بحثن مباحثن جو موضوع رهندو. صدر طور ته هونئن به ڪيس ڪنهن قبول نه ٿي ڪيو سواءِ هڪ دهشتگرد گروهه ۽ سندس جوڙيل مسلم ليگ (ق) جي پر تازو ملڪ جي چئني چونڊيل اسيمبلين پرويز خلاف اڪثريت راءِ سان ووٽ ڏئي اهو حتمي طور طئي ڪري ڇڏيو آهي ته پرويز مشرف صدر طور ملڪ ۾ ڪنهن کي به قبول نه آهي، دلچسپ ڳالهه ته ويندي ق ليگ جي به ڪيترن ئي ميمبرن پنجاب، سنڌ ۽ بلوچستان ۾ سندس خلاف ووٽ ڏنو آهي. هاڻي پرويز مشرف پاڻ استعيفا ڏي يا سندس مواخذو ٿئي پر چئني صوبائي اسيمبلين هن جي منصب جا بنياد لوڏي ته ڇا پر پاڙئون پٽي ڇڏيا آهن.

پرويز مشرف ايترو طاقتور هئڻ باوجود اوچتو ايترو نڌڪو ۽ ڪمزور ڇو ۽ ڪيئن ٿي ويو؟ اهو سوال هينئر سيني ڪان وڌيڪ بحث هيٺ ايندو. جيتوڻيڪ بظاهر ان جو ڪريڊٽ حڪومتي اتحادي ڌرين ڏانهن وڃي ٿو پر حقيقت ۾ ڏنو وڃي ته اهو سڀ تڏهن ئي ممڪن بڻيو آهي جڏهن مشرف جي آقائن يعني آمريڪا منجهانئس هٿ ڪڍيو آهي. يعني جيستائين مشرف هنن جي ڪم جو هو، تيستائين آمريڪا ڪيس نهايت



مضبوط ڪري اقتدار جي مسند تي ويهاريو ويٺو هو پر جڏهن هاڻي هوائون مَٽجي رهيون آهن ۽ مشرف جو الهه تلهه وڃائجي چڪو آهي ۽ هو ڪوبه ڪردار ادا ڪرڻ جي قابل نه آهي تڏهن آمريڪا ساڻس اهو ئي ڪجهه ڪيو آهي جيڪو هو سڄيءَ دنيا ۾ پنهنجن ايجنٽن سان ڪندو آهي. فرق رڳو اِهو آهي ته مشرف جيئرو گهر واپس اُماڻيو ويو آهي. بنيادي طور مشرف جا بنياد پنجن سببن لوڏيا، هڪ ڪالاباغ ڊيم جو اشو ٻيو نواب اڪبر بگٽيءَ جي شهادت ۽ بلوچستان آپريشن، ٽيون عدليه تي راتاهو ۽ ايمرجنسي، چوٿون محترمه بينظير ڀٽو جي شهادت ۽ پنجون پاڪستان ۾ دهشتگرديءَ خلاف جنگ جي نالي ۾ دهشتگرديءَ جي جنگ مڙهڻ.

هاڻي جڏهن پرويز مشرف ماضيءَ جو داستان بڻجي چڪو آهي تڏهن ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته هن جي سموري دؤر کي سنجيدگيءَ ۽ گهرائيءَ سان پروڙيو وڃي ته جيئن نه رڳو تاريخ جو رڪارڊ محفوظ رهي پر ان مان ايندڙ وقت لاءِ گهربل نتيجا پڻ ڪڍي سگهجن. هونئن ته پرويز مشرف جي سموري دؤر جو پل پل آئين، جمهوريت، عوام ۽ خاص طور سنڌي عوام لاءِ زهر جي ڍُڪَ برابر هو پر خاص طور هن جي وڏن سياسي، آئيني ۽ اخلاقي ڏوهن جي چنڊ ڇاڻ ٿيڻ گهرجي، جن مان مکيه هي آهن:

(1) اها ته سڄي جهان کي خبر آهي ته پرويز مشرف هڪ باوردي جنرل جي حيثيت ۾ نواز شريف جي سياسي حڪومت جو تختو اونڌو ڪيو. جيڪو هر لحاظ کان هڪ غير آئيني ۽ غير اخلاقي قدم هو پر حقيقت ۾ هن اچڻ شرط هڪ وڏي حڪمت عمليءَ تحت سياست، سياستدانن، سياسي حڪومتن ۽ سياسي عمل خلاف عوام کي گمراهه ڪرڻ جي ڀرپور ڪوشش ڪئي، جنهن جو مطلب واضح هو ته سياسي حڪومتن جي ڀيٽ ۾ آمريتون ۽ فوجي راڄ واريون حڪومتون عوام ۽ ملڪ لاءِ وڌيڪ مناسب ۽ بهتر هونديون آهن. جيتوڻيڪ پاڪستان جي سياسي ڪلچر ۾ انيڪ بنيادي ڪمزوريون ۽ خرابيون موجود آهن ۽ اسٽيٽسڪو جون ترجمان سياسي پارٽيون اقتدار ۽ اختيارن جي نه پر رڳو وزارتن جي مسند تي ويهنديون آهن ۽ انهن به عوام سان ويساهه گهاتين ۾ ڪا ڪسر نه ڇڏي آهي پر ان جو مطلب اِهو هرگز نٿو ٿي سگهي ته اهو ڪو آمرن لاءِ سياست ۽ حڪومتن تي قبضه گيريءَ جو ڪو جواز آهي. پرويز مشرف پنهنجي پوري دؤر ۾ سمورا رياستي وسيلا استعمال ڪري سياست، سياسي حڪومتن ۽ سياستدانن کي بدنام ڪرڻ ۽ عوام جو انهن مان ويساهه ڪٽائڻ جي ڪوشش ڪئي. اها ٻي ڳالهه آهي ته هن جي ڪوڙ فريب، بدنيتيءَ ۽ قبضه گير ذهنيت توڙي سياست، عوام ۽ سنڌ خلاف تعصب جا بَکيا ايترو جلد اُڌڙي ويا جو هن جي اکين ۾ ڌوڙ نه وجهي سگهي، پر ايترو

ضرور آهي جو هن سياست، سياسي عمل ۽ سياستدانن کي بدنام ۽ بليڪ ميل ڪرڻ توڙي ڪرپٽ ڪرڻ ۾ وسان نہ گهٽايو. جنهن ۾ هو گهڻيءَ حد تائين ڪامياب بہ ويو. مسلم ليگ (ق) هن جي اهڙي حڪمت عمليءَ جي ئي پيداوار ۽ ان جو مظهر هئي.

(2) پرويز مشرف بنيادي طور هڪ متعصب ۽ بدنيت ماڻهو آهي، ان ڪري ملڪ جي اقتدار تي قبضي کان پوءِ هن کي پنهنجي سرشت جي اظهار جو ڀرپور موقعو مليو. خاص طور تي هن جي سنڌ ۽ سنڌين کان نفرت ڪنهن بہ سطح تي لِڪي نہ سگهي. هن شعوري طور هڪ طرف ايم ڪيو ايم کي عملي طور سنڌ جو مالڪ بڻائي ۽ ڪين سنڌ جي زمينن ۽ وسيلن کي ڦرڻ جو پروانو ڏئي ڇڏيو تہ ٻئي طرف پنهنجي هم نسل تعصبي ٽولي کي ملڪ جي سمورن ادارن تي مڙهي ڇڏيو. اردو ڳالهائيندڙ ڪامورا شاهيءَ، سرمائيدارن ۽ دهشتگردن کي ايترو تہ لياقت علي خان بہ نوازي نہ سگهيو جيترو پرويز مشرف ڪين ملڪ ۽ خاص طور سنڌ جي وسيلن کي لُٽڻ ۽ ڦرڻ جو اهتمام ڪيو. دراصل ان جي ئي تدارڪ ڪرڻ لاءِ هن ڪالاباغ ڊيم، گريٽر ٿل ڪئنال ۽ واپڊا جي Vision 2025، توڙي ڦورو مالياتي ايوارڊ جي صورت ۾ پنجاب جي حڪمران طبقي کي خوش ۽ راضي ڪرڻ ۾ وَسان نہ گهٽايو. هن کي خبر هئي تہ ٻيءَ صورت ۾ جيڪي مراعتون ۽ ڦُرلٽ جا پروانا هن پنهنجي ساٿاري دهشتگرد ٽولي ۽ پنهنجي هم زبان ڪامورا شاهيءَ کي ڏنا اُهي پنجاب جو حڪمران طبقو ڪڏهن بہ برداشت نہ ڪري ها.

(3) پاڪستان جي سموريءَ تاريخ ۾ هر آمر پنهنجي اقتدار کي دوام ڏيڻ لاءِ مڪاني حڪومتن جي نظام کي هڪ هٿيار ۽ ذريعي طور استعمال ڪندو رهيو آهي. ايوب خان ”بنيادي جمهوريت“ (Basic Democracy) جي نالي ۾ اهو ڊرامو ڪيو ۽ پرويز مشرف اهو ناٽڪ ”اختيارن جي هيٺينءَ سطح تائين منتقلي“ (Devolution of Power) جي نالي ۾ ڪيو. پر ملڪ جي سياسي عمل کي ايترو نقصان ٻئي ڪنهن بہ آمر نہ پهچايو جيترو پرويز مشرف اڪيلي سر پهچايو. ضلعي حڪومتن جي نالي ۾ هن قومي ۽ صوبائي اسيمبلين جي متبادل طور پنهنجي Constituency ٺاهڻ لاءِ ضلعي حڪومتن ۽ اسيمبلين جو ناٽڪ شروع ڪيو. يعني مرڪز جا اجايا اختيار صوبن کي منتقل ڪرڻ ۽ ڪنڪرنٽ لسٽ ختم ڪرڻ بدران هن رهندو صوبن جا انڌا منڊا اختيار بہ ضلعن کي نالي ماتر ڏئي ۽ ضلعي حڪومتن کي مرڪز جي ماتحت رکيو، جيڪو دراصل ون يونٽ جو ئي ٻيو روپ هو ۽ آهي. نہ رڳو اهو تہ ضلعي حڪومتن جي نالي ۾ ملڪ کي عدم سياست جي دڳ تي هلائڻ جي ڪوشش ڪئي وئي پر سرڪار پرست وڏيرا شاهيءَ کي اڳ کان هزار ڀيرا وڌيڪ مضبوط ڪيو ويو. ان سان گڏوگڏ شهري حڪومتن جي نالي ۾ ڪراچيءَ ۽ حيدرآباد جهڙا شهر مشرف پنهنجي ساٿاري دهشتگرد ٽولي حوالي ڪيا.



(4) ڪنهن بہ آمر کي آئين، قانون، پارليامينٽ، سياسي حڪومتون، آزاد ميڊيا ۽ عوام پڄاڻ نہ پوندو آهي، ان ڪري هر آمر جيان ۽ پاڻ اجا بہ هٿ اڳتي وڌي پرويز مشرف پڻ آئين، قانون ۽ عدليہ تي آپيشاهي راتاها هنيا. هن اچڻ شرط ليگل فريم ورڪ آرڊر جي نالي ۾ اڳ ئي چٿيون لڳل آئين کي پنهنجي آمريت جي بقا ۽ دوام جي ذريعي ۽ هٿيار ۾ تبديل ڪري ڇڏيو. هڪ تہ پاڪستان ۾ ڪڏهن بہ 1940ع جي قرارداد جي روح مطابق ڪو آئين نہ ٺهيو پر 1973ع ۾ جيڪو انڌو منڊو آئين ٺهيو ان ۾ ترميمن جون ايتريون تہ چٿيون هنيون ويون آهن جو هاڻي ان کي 1973ع جو آئين سڏي ئي نٿو سگهجي. پرويز مشرف بہ LFO ذريعي ان جو چهرو مسخ ڪرڻ ۾ وَسان نہ گهٽايو. پاڪستان ۾ سياسي حڪومتن ۽ ايوانِ صدر ۾ سدائين تضاد رهيو آهي ۽ ان جو سبب اِهو آهي جو صدارتي ايوان رياست ۽ اسٽيبلشمينٽ جي نمائندگي ڪرڻ سبب هميشہ انتظامي ۽ آئيني طور اها ڪوشش ڪئي آهي تہ طاقت جو آئيني توازن عوام ۽ چونڊيل سياسي ادارن بدران سندس حق ۾ رهي. پرويز مشرف بہ پارليامينٽ کي ڊمي ڪري هڪ نام نهاد حڪومت کي مڙهي ڏيکاءَ خاطر ويهاري سمورا آئيني ۽ سياسي اختيار پاڻ وٽ رکي ڇڏيا. هونئن تہ پاڪستان ۾ ڪڏهن بہ پارليامينٽ ڪو گهڻو مضبوط ۽ خود مختيار نہ رهي آهي پر پرويز مشرف جي دؤر ۾ تہ اُها بلڪل ڊمي پارليامينٽ طور ڪم ڪندي رهي. مشرف تہ ملڪ ۾ صدارتي نظام آڻڻ لاءِ بہ وڏيون ڪوششون ورتيون پر اهو ٿي نہ سگهيو.

(5) پرويز مشرف کي خبر هئي ۽ آهي تہ جي عوام، سياسي ادارا، سياسي پارٽيون ۽ ميڊيا آزاد هوندا تہ پوءِ سندس نڳيءَ جو ٺاهہ گهڻو وقت هلي نہ سگهندو. ان ڪري هن هر سطح تي رياستي ڏاڍ، گوليءَ ۽ دهشت جو سهارو ورتو. جيتوڻيڪ ميڊيا هڪ حد تائين آزاد آهي جو هاڻي اها هڪ عالمگير فنامنا آهي پر مجموعي طور ميڊيا پرويز مشرف جي پوري دؤر ۾ عتاب ۽ سختين توڙي عدم سلامتيءَ جي احساس هيٺ رهي. مشرف جا ميڊيا کي ڌمڪين آميز خطاب سندس سمورو دؤر هڪ معمول بڻيل هئا. اها ٻي ڳالهہ آهي تہ پرويز مشرف جي حڪمت عملي ضياءَ کان مختلف رهي جو هي دؤر بہ ٻيو آهي پر هن ميڊيا کي خوف ۽ عدم سلامتيءَ ۾ رکڻ توڙي ان جي آزادي ممڪن حد تائين سلب ڪرڻ ۾ ڪو موقعو هٿان نہ وڃايو. خاص طور سنڌي پريس سندس دؤر ۾ وڌيڪ دٻاءُ هيٺ رهي.

(6) پرويز مشرف جا جيڪي وڏي ۾ وڏا ڏوهہ هئا اُنهن ۾ خاص طور سنڌين ۽ بلوچن خلاف هن جو تعصب هو. سنڌين سان ڄڻ تہ هن جي ذاتي دشمني ۽ وير رهيو. پاڪستان جي تاريخ ۾ ٻيا بہ بدترين حڪمران آيا پر جيترو سنڌين خلاف تعصب پرويز مشرف کي هو، ان جو اڳ ڪو مثال نٿو ملي. هن نہ رڳو هر سطح تي سنڌين کي پوئتي رکيو پر

پنهنجي دهشتگرد ٽولي کي سنڌ جي اڇي ڪاري جو مالڪ بڻائي ڇڏيو. سنڌس ساٿاري دهشتگرد ٽولي هن پوري دؤر ۾ جيڪا سنڌ جي ڀينگ ڪئي، اُن جو ٻه اڳ ڪو اهڙو رڪارڊ نہ آهي. هاڻي تہ اهو سمورو روينيو رڪارڊ بہ ساڙي ختم ڪيو ويو آهي، جو معلوم ٿي سگهي تہ هنن سنڌ جي ڪيتري زمين ڪنهن کي نيلام ڪئي؟

بلوچن سان بہ پرويز مشرف تعصب جون سڀ حدون پار ڪري ويو. سنڌس سڄو دؤر بلوچن سان اها روش اختيار ڪئي وئي ڄڻ اهو ڪو پاڪستان جو حصو ۽ صوبو نہ پر دشمن ملڪ هجي. هزارين بلوچ سياسي ڪارڪنن کي گم ڪيو ويو جيڪي اڄ بہ ٽاچر سيلن ۾ سڙي رهيا آهن. بلوچستان ۾ مشرف جي پوري دؤر ۾ اڻ اعلانيہ فوجي آپريشن رهيو. سڀ کان وڏو واقعو نواب اڪبر بگٽيءَ ۽ مير بالاچ مريءَ جي شهادت هو. نواب اڪبر بگٽي سڄي ڄمار وفاقي سياست جو حصو ۽ حامي رهيو. آخري دؤر ۾ بہ سنڌس پارٽي اي آر ڊيءَ جو حصو هئي پر کيس ايئن شهيد ڪيو ويو جيئن ڪنهن ازلي دشمن کي ڪبو آهي. جيتوڻيڪ بلوچ اڳ بہ پاڪستان ۾ خوش نہ هئا ۽ نہ وري هي ڪو پهريون موقعو هو جنهن ۾ مٿن رياستي ڏاڍ جا جبل ڪيرايا ويا پر پرويز مشرف جي دؤر ۾ بلوچن سان ايترو ظلم ڪيو ويو جو حقيقت اِها آهي تہ بلوچ مجبوريءَ ۾ ڀل تہ پاڪستان جو حصو هجن پر هو دل ۾ پاڪستان مان هٿ ڪڍي چڪا آهن. نواب اڪبر بگٽيءَ جي شهادت رڳو هڪ فرد جو نہ پر پاڪستان سان هڪ قوم جي تعلق جو قتل هو.

ساڳيءَ طرح محترمہ بينظير ڀٽو جي شهادت بہ آهي. جيتوڻيڪ ضرور ان ڀڃيان ڪي عالمي هٿ بہ هوندا پر ان ڳالهہ تي سڄو ملڪ متفق آهي تہ محترمہ بينظير ڀٽو جي شهادت ڀڃيان پرويز مشرف جو هٿ ضرور آهي. هاڻي تہ هڪ آمريڪي صحافيءَ جي ڪتاب شايع ٿيڻ کانپوءِ اها ڳالهہ بلڪل واضح ٿي چڪي آهي. هن کي ان عظيم ڏوهہ جي الزام کان ڪنهن طور بہ آجو نٿو قرار ڏئي سگهجي ۽ اهو سندس اقتدار جي دؤر جو وڏي ۾ وڏو سنگين ۽ معاف نہ ڪري سگهڻ جهڙو ڏوهہ آهي.

(7) جيتوڻيڪ پاڪستان ۾ عدليہ ڪڏهن بہ آزاد نہ رهي آهي ۽ ان هميشہ آمرن ۽ اسٽيٽسڪو جو "نظريہ ضرورت" تحت ساٿ ڏنو آهي پر پاڪستان جي تاريخ ۾ پهريون ڀيرو چوڌري افتخار جي صورت ۾ عدليہ هڪ حد تائين قانون جي حڪمرانيءَ جا بنياد وجهڻ جي ڪوشش ڪئي، جيڪا ظاهر آهي تہ پرويز مشرف کي نہ آئڙي. پوءِ ان جي نتيجي ۾ چوڌري افتخار ۽ سندس باڪردار ساٿي ججن سان جيڪو سلوڪ ڪيو ويو اهو پاڪستان تہ ڇا پر دنيا جي تاريخ جو هڪ ڪارو باب آهي. دنيا ۾ شايد ئي ڪٿي عدليہ کي ايئن رسوا ڪيو ويو هجي جيڪو پرويز مشرف جي دؤر ۾ پاڪستان ۾ ڪيو



ويو. خوشيءَ جي ڳالهہ آهي تہ چوڌري افتخار ۽ سندس باڪردار ساٿي ججن پڻ آخر تائين هن آمر آڏو گوڏا نہ کوڙيا، جيڪا سندن اخلاقي سوڀ آهي. پرويز مشرف جڏهن ججن جي بحاليءَ لاءِ وڪيلن ۽ سول سوسائٽيءَ جي تحريڪ کي ناڪام بڻائڻ ۾ ڪامياب نہ ويو تڏهن هن 12 مئي جهڙا بدترين دهشتگرديءَ جا واقعا ڪرايا، جنهن جو پڻ دنيا ۾ ڪو مثال نٿو ملي تہ هڪ رياست جو حڪمران پنهنجي ذاتي انا خاطر پنهنجي ساٿاري دهشتگرد ٽولي معرفت سياسي ڪارڪنن ۽ عوام جو ايئن قتل عام ڪرائي ۽ پوءِ ان کي پنهنجي سوڀ قرار ڏئي. 12 مئي جو رياستي سرپرستيءَ هيٺ ڪرايل دهشتگرديءَ جو سانحو مشرف جي سموري بدترين دؤر جي بڇڙي علامت طور تاريخ ۾ هميشہ ياد ڪيو ويندو.

(8) پاڪستان هوندئن بہ معاشي طور ڪنهن بهتر صورتحال ۾ نہ هو پر پرويز مشرف جي دؤر ۾ ورلڊ بئنڪ جي نمائندي شوڪت عزيز جي معرفت ملڪ جي معيشت جو ڏيوالو ڪڍيو ويو. اڄ ملڪ ۾ جيڪا بدترين مهانگائي، غربت ۽ معاشي ڪسمپرسي آهي، ان جي ذميواري صرف ۽ صرف پرويز مشرف جي پاليسين، ذاتي ۽ گروهي مفادن توڙي طرزِ حڪمرانيءَ تي ئي عائد ڪري سگهجي ٿي. نجڪاريءَ جي نالي ۾ پرويز مشرف جي دؤر ۾ ملڪ جا تمام اهم اثاثا ۽ ادارا ڀڳڙن مُٺ تي وڪيا ويا ۽ ان جا نتيجا بہ ملڪ جي معيشت اڳتي هلي ڀوڳيندي.

(9) پرويز مشرف جتي ٻيا بلنڊرس ڪيا، اُتي سندس هڪ غير معمولي ڏوهہ پاڪستان کي مڪمل طور آمريڪي ڪالونيءَ ۾ تبديل ڪرڻ بہ آهي. پاڪستان هوندئن بہ هميشہ آمريڪا جو غلام رهيو آهي پر پرويز مشرف خاص طور 9/11 کانپوءِ تہ مڪمل طور پاڪستان کي هڪ آمريڪي بينڪيٽ ۾ تبديل ڪري ڇڏيو. پاڪستان جا بلڪل هيٺين سطح جا معاملا بہ آمريڪا طرفان طئي ٿيندا هئا ۽ بدستور ٿي رهيا آهن. پاڪستان ۾ مشرف جي دؤر ۾ آمريڪا طرفان دهشتگرديءَ خلاف جنگ جي نالي ۾ دهشتگرديءَ جي جنگ شروع ڪئي وئي. جنهن ۾ ڪجهہ جنونين کي ڇڏي باقي هزارين بيگناهہ ماڻهن جو خون وهايو ويو.

هاڻي جڏهن پرويز مشرف استعيفا ڏئي چڪو آهي، تڏهن ضرورت آهي تہ مٿس مٿين سمورن ڏوهن جي چارج شيٽ جي بنياد تي قانوني طور ڪيس هلايا وڃن ۽ سندس ڪليل ٽائيل ڪيو وڃي. ڇاڪاڻ تہ ملڪ، عوام، جمهوريت، سياسي عمل ۽ آئين توڙي قانون خلاف ايترا ڏوهہ ڪندڙ حڪمران کي ايئن ڇڏي ڏيڻ خود بہ ڪو گهٽ ڏوهہ نہ هوندو.